12

# برادريءَ لاءِ کاڌي جي ضمانت
# Community Food Security


| هن باب ۾: | صفحو |
|---|---|
| قصو: پوکي راهيءَ ۾ تبديليون | 218 |
| ڪنهن برادريءَ جي کاڌي جي ضمانت ڇا آهي؟ | 220 |
| سرگرمي: 10ٻج | 221 |
| غذائيت ۽ کاڌي جي ضمانت | 222 |
| جڏهن زراعت ۾ تبديلي اچي ٿي ته کاڌ خوراڪ ۾ به تبديلي اچي ٿي | 223 |
| قصو: کاڌن متاثر سان اصلي آمريڪي ماڻهن جي صحت متاثر ٿي | 224 |
| مقامي کاڌي جي ضمانت ۾ سڌارا آڻڻ | 225 |
| برادريءَ جي کاڌي جون رٿائون | 226 |
| قصو: ائڊس سبب يتيم ٿيندڙن لاءِ زرعي اسڪول | 228 |
| شهرن ۾ کاڌي جي ضمانت | 229 |
| قصو: د پيپلس گراسري | 229 |
| شهرن ۾ کاڌي جي ضمانت وڌائڻ لاءِ حڪومتن کي اوس مدد ڪرڻ گهرجي | 230 |
| شهرن لاءِ کاڌ خوراڪ جي پائدار رٿا | 230 |
| ٻج جا سماجي ۽ سياسي ڪارڻ | 231 |
| وڏين ڪمپنين جو قبضو کاڌي جي ضمانت کي ڇيهو رسائي ٿو | 231 |
| قصو: ڏڪار/خشڪ ساليءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ وچايل ٻج هٿ ڪرڻ | 232 |
| کاڌي جي خود مختياري انسان جو بنيادي حق آهي | 235 |
| قصو: ويٽا ڪئمپيسينا کاڌي تي ماڻهن جي قبضي کي هٿي ڏئي ٿي | 235 |

# برادريءَ لاءِ کاڌي جي ضمانت



ماڻهن کي تندرست رهڻ لاءِ طاقتور کاڌن کائڻ جي ضرورت ٿئي ٿي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب لاءِ جهجهو کاڌو اپائي يا خريد ڪري نہ سگهون تہ اهڙين حالتن ۾ اسان کي بک ۽ کاڌي جي اوڻائيءَ سميت صحت جي ڪيترن مسئلن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو.

**کاڌي جي ضمانت** جو بہ اهو ئي مقصد آهي تہ هرهڪ کي سڄو سال سنو ۽ طاقتور کاڌو نصيب ٿيندو رهي تہ جيئن چست ۽ تندرست زندگي گذاري سگهجي. ان جو اهو بہ مقصد آهي تہ کاڌو اهڙي طرح سان اپايو ۽ ورهايو وڃي جنهن سان هڪ صحتمند ماحول، برادريءَ ۾ پاڙتي پروسي سميت راڄ جي هر فردکي سنو ۽ جهجهو کاڌو حاصل ٿي سگهي.

بک جا ڪيترائي ڪارڻ آهن. جن مان ڪي ماحولياتي جهڙوڪ: ناقص زمين، آبهوا ۾ تبديلي ۽ پاڻيءَ جي اڻهوند آهن. انهن ڪارڻن سبب پيدا ٿيندڙ بک ۽ بدحاليءَ کي پائدار زراعت (ڏسو بابت 6، 9 ۽ 11) رستي حل ڪري سگهجي ٿو.

بک جا ٻيا سبب سياسي آهن جهڙوڪ: کاڌي جي شين جون نامناسب قيمتون، کاڌي پيدا ڪرڻ لاءِ زمين نہ هجڻ، مارڪيٽن ۽ منڊين سميت کاڌ خوراڪ جي سرشتن تي وڏين ڪمپنين جو قبضو انهن ۽ اهڙن ٻين سياسي سببن ڪري پيدا ٿيندڙ بک جي مسئلن کي برادرين جي تنظِيمن رستي حل ڪري سگهجي ٿو.

کاڌي اپائڻ لاءِ اسان کي زمين، پاڻي، اوزارن، ٻج ۽ پوک ڪرڻ جي طريقن جي ڄاڻ هجڻ ضروري آهي. اها پڪ ڪرڻ تہ هر هڪ کي جهجهو کاڌو حاصل ٿي سگهي ٿو ان لاءِ انصاف ڀريئي ورهاست جي ضرورت آهي، کاڌن جون قيمتون خريد ڪري سگهڻ جيتريون، مقامي منڊين جو هجڻ ۽ کاڌي جي ضمانت جي ضرورت آهي. اهڙيون سڀ ڳالهيون حاصل ڪرڻ لاءِ اسان سڀني کي هڪ انصاف ڀريئي ۽ جٽائدار دنيا لاءِ اوس ڪم ڪرڻو آهي. ايئن هڪ صحتمند ماحول ۽ سماجي عدل انصاف لاءِ ڪم ڪرڻ سان ئي هر هڪ لاءِ کاڌ خوراڪ جي ضمانت ڏئي سگهجي ٿي.

## پوڪي راهيءَ ۾ تبديليون

ڪمبوڊيا جي پري وينگ (Prey Veng) ڳوٺ جي سيني رهواسين کي سڌ آهي ته هو هڪ ڏکي زماني کان پاڻکي پالڻ لاءِ جهجهو چانور اپائيندا رهيا آهن. چانورن سان گڏ هو رسمي طور تي قدرتي طور تي ٿيندڙ ساوڪ، مڇي، ڳوڄ، نانگ ۽ سارين جي پوک ۾ ٿيندڙ ٻيا ڪيترا جانور، ميوو ٻيلن مان ہوٿن جون پاڙون ۽ شڪار ڪندڙ جانورن جو گوشت کائيندا رهيا آهن. اهڙي ڪاڏي کائڻ سبب هو سڄو سال تندرست رهن ٿا سواءِ جنگي ۽ سيلابي حالتن جي.

اها 40 سالن کان به اڳ جي ڳالهه آهي جڏهن سرڪار ڪن قسمن جي مکيه فصلن جهڙوڪ سارين جي اپت وڌائڻ لاءِ زراعت جا نوان طريقا متعارف ڪرائڻ شروع ڪيا ته جيئن پرڏيهي واپار رستي وڌيڪ ناڻو ڪمائي سگهجي. اهڙا نوان طريقا عالمي سطح تي زراعت ۾ ايندڙ تبديلين جو هڪ حصو هيا جن کي چالاڪيءَ سان “سائي انقلاب” (Green Revolution) جو نالو ڏنو ويو. سائي انقلاب جي آڙ ۾ ڪيميائي جيتمار دوائن/ پيسٽيسائيڊن ۽ پاڻن جي استعمال ڪرڻ لاءِ همٿايو ويو ته جيئن عام رواجي رسمي طريقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اپت حاصل ڪري سگهجي. ساڳئي طرح سان فصلن اپائڻ ۽ لاباري ڪرڻ لاءِ آبپاشيءَ جا شاهي سرشتا به ڪتب آندا ويا.

جڏهن زراعت جا اهي نوان طريقا استعمال ٿيڻ شروع ٿيا ته پري وينگ جي ماڻهن به چانورن جي وڌي اپت حاصل ڪري وڪڻڻ شروع ڪئي. حاصل ٿيندڙ ڪمائيءَ مان هنن پنهنجي گهرن ۾ سڌارا واڌارا آندا، روڊ رستا ناهيا ۽ پنهنجي ذاتي استعمال لاءِ ڪيتريون شيون جهڙوڪ لتاڪپڙا ۽ رئيڊيا وغيره خريد ڪيا. ڳوٺاڻن مال جو ڀاڻ استعمال ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو. خشڪ موسم ۾ ٿيندڙ فصلن مان سارين جي واري وٽي ڪرڻ ڇڏي ڏني نه رڳو ايترو پر زراعت جي اڳوڻن رسمي طريقن ۽ رواجن کي به ڇڏي ڏنو.

نون طريقن سان وڏن وڏن علائقن ۾ ڪو به هڪڙو فصل پوکڻ تمام سٺو ثابت ۽ حاصل ٿيندڙ اپت ۾ گهڻو واڌارو ٿي ٿيو. پوءِ وقت سان گڏ هنن محسوس ڪرڻ شروع ڪيو ته نه رڳو زمين، پر سندن کائڻ جا طريقا به تبديل ٿي ويا آهن. گند گاهه ناس ڪندڙ دوائن سبب قدرتي طور پيدا ٿيندڙ ساوڪ جيڪا هو کائيندڙ هيا ختم ٿي وئي آهي. مڇي ۽ ٻيو جهنگلي کاڌو اڻلڀ ٿي ويو آهي. ايئن آهستي آهستي هو جيتوڻيڪ ڪيميائي مادن جي استعمال ڪرڻ تي وڌيڪ خرچ ڪندا ٿي رهيا تنهن هوندي به کين هاڻ کائڻ لاءِ چانورن کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هيو. ايترو گهڻو وقت به نه گذريو ته سندن زمين صحتمند فصلن پيدا ڪرڻ کان ويهجي ويئي ۽ سارين جي پيداوار به گهٽجڻ شروع ٿي.

وڌندڙ بک ۽ بدحالي بابت ڳوٺاڻن ويهي ويچار ۽ مشورا ڪرڻ شروع ڪيا. پوکي راهيءَ جي پراڻن طريقن، جنهن ۾ هڪ ئي وقت ڪيترا فصل پوکيا ويندا هيا، زمين جي مٽا سٽا ۽ قدرتي ڀاڻ رستي سڄو سال ٿيندڙ فصلن تي سوچيو ويچاريو. کين اڳين رسمي طريقن ۾ ڪيترائي فائدا نظر آيا تنهنڪري هنن فيصلو ڪيو ته هو اڳتي، اهي ئي اختيار ڪندا. ساڳئي وقت هنن ڪيترا نوان آزمودا به ڪرڻ شروع ڪيا جهڙوڪ گهاتو رونبو ڪرڻ ۽ زمين جي ساڳئي ٽڪري ۾ مختلف پوکون پوکڻ.



ايئن هو ڪيترا سال، تيسيتائين بکون ڪاٽيندا رهيا جيسيتائين زمين جهجهي ڪيميائي استعمال جي تاثير کان آجي ٿي وري زرخيز ٿي نہ سگهي. هاڻ پري وينگ جا ڳوٺاڻا ڪاڏي طور پاڙيرا آهن. جيتوڻيڪ واپار لاءِ وٽن گهٽ چانور آهي تنهن هوندي بہ کائڻ لاءِ قسمين قسمين کاڌا. جيئن ڳوٺاڻن جي هڪ وڏڙي مِيس نِي (Meas Nee) چيو، "هاڻ اسان کاڌو اهڙي طرح سان اپايون ٿا، جيئن اسانجا وڏڙا اپائيندا هيا تنهنڪري نہ رڳو وڏڙا خوش آهن، زمينون خوش آهن تہ اسان بہ تندرست آهيون".

# ڪنهن برادريءَ جي کاڌي جي ضمانت ڇا آهي؟

اهو سمجهڻ لاءِ تہ ڪنهن برادريءَ کي جهجهي صحتمند کاڌي حاصل ڪرڻ ۾ ڪهڙا مسئلا ٿي سگهن ٿا. انهن سڀني مختلف ڳالهين تي هڪ نظر ڦيرايو جيڪي مجموعي طور تي کاڌي جي ضمانت ۾ رنڊڪون پيدا ڪن ٿيون.



**کاڌي جي پيداوار:** زمين، ٻج ۽ پاڻيءَ تائين پهچ، پوکي ڪرڻ جي ڄاڻ، کاڌو اپائي وڪرو ڪرڻ ۽ کائڻ ۾ صحيح توازن ڳولهڻ.

**سٺي صحت:** کاڌن جي غذائي جزن جذب ڪرڻ لاءِ ماڻهن جو تندرست هجڻ ضروري آهي. جڏهن ماڻهو ڪني پاڻيءَ سبب بيمار يا ڪنهن ڏکهي عرصي تائين هلندڙ بيماريءَ جهڙوڪ مليريا يا ايچ آءِ وي ۾ لوڙيندڙ هجن تہ اهي پنهنجي ۽ برادريءَ لاءِ گهٽ کاڌو پيدا ڪري سگهن ٿا.





**ناڻو بچت ۽ رکت:** ماڻهن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ کاڌي خريدڻ لاءِ پئسن جي ضرورت ٿئي ٿي. کاڌو اپائيندڙن کي، ٻج ۽ ٻين ضرورتن لاءِ رکت ڪرائڻي پوي ٿي خاص طور تي انهن سالن ۾ جڏهن فصل سنا نٿا ٿين.





**کاڌو سانڍڻ:** برادريون عام طور تي 3 کان 4 مهينن تائين کاڌو سانڍڻ چاهين ٿيون جيڪو مينهوڳي ۽ خشڪ موسم يا ڏڪر ۽ خشڪ ساليءَ جو ڏگهو عرصو هلي سگهي ٿو. اهڙي سانڍيل کاڌي جو جيتن جڻين ۽ ڪوئن يا ڪتريندڙ جانورن کان بہ بچاءُ ڪرڻو پوي ٿو. جيڪڏهن ڪوٺا اَنُ اناج کائي وڃن تہ توهان بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿيو ٿا.

**کاڌو نيئڻ ۽ ورهائڻ:** کاڌن کي مارڪيٽ تائين رسائڻ ۽ ماڻهن کي مارڪيٽن تائين پهچي اهو خريدڻ لاءِ رستو گهرجي ٿو.

جيتمار دوائن، زهريلن ڪيميائي مادن، روڳي جيوڙن سبب متاثر ٿيل کاڌو يا ڄِي اِي کاڌا (ڏسو باب 13) دستياب تہ ٿين ٿا پر اهي سنا ۽ صحت بخش ثابت ٿي نٿا سگهن. ان ڪانسواءِ رڌ بچاءَ جي سنين جاين، گهٽي وقت ۽ ٻارڻ نہ هجڻ سبب عام طور تي ماڻهو جهجهو مشيني کاڌو (processed food) استعمال ڪن ٿا جيڪو اڳتي هلي صحت جا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو.

## 10 ٻج

هن سرگرمي رستي ماڻهوان ڳالهہ سان سهمت ٿي سگهندا تہ سندن برادريءَ جي کاڌي جي تحفظ جون، وڏ ۾ وڏ اهم گهرجون ڪهڙيون آهن. پوءِ ان آهر ڪين پنهنجي برادريءَ ۾ اهڙين تبديلين آڻڻ لاءِ همٿايو جن سان کاڌي جي تحفظ ۾ بهتري اچي سگهي ٿي.

**وقت**: 2 ڪلاڪ

**سامان**: 10 ٻج هر ٽوليءَ لاءِ، رنگين پينون يا مارڪر، پوسٽرن وارا وڏا پنا.

1. 8 کان 10 ماڻهن جون ٽوليون ٺاهيو. هر ٽوليءَ کي چئو تہ اهڙيون ڳالهيون ٻڌائين جن سان کاڌي جي ضمانت پيدا ٿئي ٿي جهڙوڪ: کاڌي جي پيداوار، کاڌي جو گدامڻ يا ذخيرو ڪرڻ ۽ مارڪيٽ جتي صحت بخش کاڌو وڪرو ڪيو وڃي ٿو ۽ کاڌي اپائڻ لاءِ سٺي زمين وغيره. پهراڙين جي برادرين کي جيڪي پوک ۽ شڪار ڪن ۽ مڇي مارين ٿيون تن لاءِ شهرن ۾ رهندڙن جي پيٽ ۾ کاڌي جي ضمانت جا مختلف مسئلا ٿي سگهن ٿا.

2. هر ٽوليءَ کي 10 ٻج ڏئي ڪين چئو تہ فيصلو ڪري ٻڌايو تہ کاڌي جي ضمانت جا ڪهڙا پهلو برادريءَ ۾ مسئلا پيدا ڪري رهيا آهن. جتي وڏيڪ مسئلا هجن اتي وڌيڪ ٻج رکو. مثال طور، ڇا ڪي ڪٽنب ان سبب بکون ڪاٽين ٿا جو وٽن کاڌي سانڍڻ جو ناقص انتظام آهي؟ يا وٽن سواريءَ جو بندوبست ناهي جنهن رستي مارڪيٽ تائين کاڌو رسائي سگهجي يا مارڪيٽ ئي موجود ناهي جتان کاڌو خريد ڪري سگهجي؟ يا فصل جي جيتن، ناقص زمين يا پاڻيءَ جي اٽاٽ جو مسئلو آهي؟ انهن ڳالهين سان کاڌي جي ضمانت جي ڪمزور پهلوئن جي باري ۾ نشاندهي ڪرڻ ۾ مدد ملندي. وسنديءَ جي مختلف ماڻهن جا مختلف مسئلا ٿي سگهن ٿا. پڪ ڪريو تہ هر هڪ جي مسئلي کي ٻڌو وڃي ٿو.

3. جڏهن هر ٽولي، کاڌي جي ضمانت جي پنهنجي وڏ ۾ وڏ اهم مسئلن جي سڃاڻپ ڪري تہ پوءِ ڏسو تہ اهي ڪهڙن مقامي طريقن سان بهتر ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن کاڌي جي پيداوار ئي هڪ وڏو مسئلو آهي تہ ڇا ڪي اهڙا فرد بہ آهن جن کي گهر ۾ واڙين ڪرڻ جي ڄاڻ آهي ۽ گر ايندا هجن يا زراعت جي طريقن ۾ سڌارا آڻي سگهندڙ هجن؟ جيڪڏهن کاڌي جو سانڍڻ هڪ وڏو مسئلو آهي تہ ان ۾ ڪهڙين ڳالهين رستي بهتري آڻي سگهجي ٿي؟ جيڪڏهن مارڪيٽ ناهن تہ ڇا اهڙو ڪو طريقو آهي جنهن هيٺ هڪ سهڪاري مارڪيٽ کولي صحت بخش کاڌو وڪرو ڪري تائين کاڌي پهچائڻ لاءِ ڪا سواري خريد ڪجي. ان ڏس ۾ هر صلاح اهميت واري ٿئي ٿي

4. اهڙن ممڪن اپائن تي بحث ڪرڻ کانپوءِ هر ٽوليءَ کي هڪ ٻيءَ وڏيءَ شيٽ تي ا اپاءَ لکڻ يا چٽڻ گهرجن جيڪي سندن خيال ۾ وڏ ۾ وڏ عمل جوڳا ٿي سگهن ٿا. پو اپائن ۾ اهي 10 ٻج ورهايو. وڌيڪ ٻج انهن اپائن کي ڏيو جيڪي عملي طرح ڪرڻ جوڳا لڳن.



5. جڏهن هر ٽولي مسئلن ۽ انهن جي اپائن جو فيصلو ڪري چڏي تہ سڀ هڪ وڏي ٽوليءَ ۾ گڏجي ويهو. اڳي جيان 10 ٻج استعمال ڪندي يا هٿ کڻي پنهنجو ووٽ ڏيندي 1 يا 2 وڏ ۾ وڏ مجيل اپائن جي چونڊ ڪريو. فيصلو ڪريو تہ انهن اپائن تي عمل ڪيئن ڪبو. ان ۾ ڪنهنکي شامل ڪيو ويندو ۽ برادري ڪهڙا وسيلا مهيا ڪري سگهندي؟ اهو ڪم ڪڏهن شروع ڪري سگهجي ٿو؟ ان لاءِ ڊگهي مدي وارا مقصد مقرر ڪيو جهڙوڪ "ٻن سالن کانپوءِ برادريءَ جو ڪو بہ فرد بکيو نہ سمهندو". ساڳئي وقت مختصر مدي وارا مقصد ڪيو جهڙوڪ: هر مهيني برادريءَ جا وسيلا هڪ هنڌ گڏ ڪري 3 مهينن اندر ڪو دڪان ...و ...رو زمين ٽڪرو تيار ڪيو جتي پوکيءَ جي موسم شروع ٿيندي ئي پوک ڪري سگهو.

## غذائيت ۽ ڪاڌي جي ضمانت



**ڏراءِ مالنيوٽريشن**
هي ٻار رڳو چمڙي ۽ هڏا آهي



**ويٽ مالنيوٽريشن**
هي ٻار رڳو چمڙي، هڏا ۽ پاڻي آهي

جڏهن ماڻهو اڳها يا ڪاڌي جي اوڻائپ جو شڪار هجن ته اهي گهٽ چست رهن ٿا، ڪاڌي پيدا ڪرڻ جي گهٽ لائق هجن ٿا، پاڻي ڍوئي نٿا سگهن، نه ئي گهرن کي صاف ستړو ۽ ماحول کي صحتمند رکي سگهن ٿا. پر جڏهن صحتمند ڪاڌو حاصل ٿئي، پائدار طريقن سان پوکي ڪري سگهجي ۽ ڪاڌا مقامي مارڪيٽ ۾ ملي سگهن ته ماڻهن کي مختلف ۽ صحتمند قسمن جا ڪاڌا سولائيءَ سان حاصل ٿي سگهن ٿا.

- سٺي ڪاڌي نه کائڻ سان جسم هيٺ ڏنل ۽ هينيان مسئلا پيدا ڪريٿو:
- شديد دست خاص طور تي ٻارڙن ۾
- ٻالڪپڻي جي **ارڙي** (measles) جيڪا وڌيڪ خطرناڪ ٿي پوي ٿي
- حمل ۽ ويم ڪرڻ **خطرناڪ** ٿي سگهي ٿو ۽ ڄمندڙ ٻار گهڻا ننڍڙا يا اپاهج ڄمن ٿا جهڙوڪ آهستي ٿيندڙ ذهني اوسر
- **رت جي پوڻائي** خاص طور تي عورتن ۾
- **سلهه** وڌيڪ عام ۽ گهڻي ترت بدتر ٿي وڃي ٿي.
- **ڊيابيطيس** جي بيماري، جيڪا جسم جي صحيح طرح سان کنڊ استعمال نه ڪري سگهڻ سبب ٿئي وڌيڪ عام ٿي وڃي ٿي.
- ليس زڪام، (colds) جهڙا هلڪا مسئلا وري وري ٿي پون ٿا ۽ عام طور تي گهڻا شديد ٿي اڳتي هلي **نمونيا ۽ برونڪائيٽس** پيدا ڪن ٿا.
- ايچ آءِ وي يا ايڊس ۾ مبتلا فرد، ترت وڌيڪ بيمار ٿي پون ٿا جنهن سبب انهن جون دوائون به اثرائتيون نه ٿيون رهن.
- **سِليڪوسِس، دم، ڳورن ڌاتن جو زهر** ۽ اهڙا ٻيا مسئلا جيڪي ڳورن ڌاتن سان لاڳاپي ۾ اچڻ سبب پيدا ٿين ٿا ( ڏسو باب 16 ۽ 20) وڌيڪ عام ۽ گهڻا شديد ٿي وڃن ٿا.

ڪاڌي جي اوڻائپ جا شڪار ٻار آهستي آهستي واڌ ڪن ٿا، اسڪول ۾ مڙيوئي سکي سگهن ٿا يا ايترا ڪمزور هجن ٿا جو اسڪول به وڃي نٿا سگهن.

ڪاڌي جي اوڻائپ خاص طور تي، ننڍن ٻارن جو مسئلو ٿئي ٿو ۽ ان جو هڪدم علاج ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو. صحت جي اهڙن مسئلن بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ۽ سٺي ڪاڌي رستي انهن جي بچاءُ ڪرڻ لاءِ ڏسو ڪتاب "جت ويڄ نه طبيب".

## چشڪيدار (جنڪ) کاڌو صحت بخش نٿو ٿئي

جڏهن ماڻهن وٽ کاڌي اپائڻ لاءِ زمين نہ هجي، ڳتيل شهرن ۾ رهندا هجن، مارڪيٽ مان صحت بخش کاڌو خريد ڪري نہ سگهن يا پنهنجيون تهذيبي روايتون جيڪي کين صحت بخش کاڌن کائڻ ۾ مدد ڪن ٿيون وساري ويهن تڏهن عام طور تي، ماڻهو اهڙن کاڌن تي ئي اچي انت ڪن ٿا جن کي جنڪ فوڊ يا چشڪيدار کاڌا سڏجي ٿو ۽ انهن ۾ غذائي طاقت نالي ماتر موجود ٿئي ٿي. عام طور تي، جنڪ کاڌن کي اهڙن طريقن سان تيار ڪيو ويجي ٿو جو منجهائن غذائيت/ طاقت ختم




يا ڪيميائي مادن مان گذاريو تيل
فراءِ ڪيو ويجي ٿو ۽ منجهن تمام گ
کنڊ ۽ لوڻ ٿئي ٿو. ٿورڙي مقدار ۾ ا
هاڃيڪار نٿا ٿين. پر جڏهن ماڻهـ
طاقتور کاڌن بجاءِ اهي لڳاتار
کائيندا رهن تہ انهن سبب اسان
کي گهربل غذائي جزا حاصل ٿي
نٿا سگهن.

ماڻهو جيئن جيئن وڏيڪ جنڪ کاڌا کائين ٿا، تيئن تيئن منجهن وزن وڌڻ جو وڌيڪ امڪان پيدا ٿئي ٿو ۽ هاءِ بلڊ پريشر، دل جي بيماري، فالج، پتي جي پٿري، ذيابطيس ۽ ڪن قسمن جي ڪينسر ٿيڻ جهڙا مس
ٿي پون ٿا. اهو ئي سبب آهي جو
صحت بخش کاڌي جي کوٽ جو
بيحد وزندار بہ هجن ٿا.

## جڏهن زراعت ۾ تبديلي اچي ٿي تہ کاڌ خوراڪ ۾ بہ تبديلي اچي ٿي

سڄي دنيا ۾ هر هنڌ آبادگارن کي پنهنجين زمينن تان پڇايو پيو وڃي. جيڪي زمينون مقامي برادرين ۽ راڄن لاءِ کاڌ خوراڪ پيدا ڪندڙهيون اهي هاڻ، روانگي واپار لاءِ فصل اپائي رهيون آهن. وڏين وڏين ڪمپنين جو زمينن، ٻجن، مارڪيٽن ۽ کاڌ خوراڪ جي ورهاست جي طريقن تي وڌندڙ ضابطو نہ رڳو آبادگارن تہ اسان سڀني کي پڻ هاڃو رسائي رهيو آهي.

ڏينهون ڏينهن صحت بخش کاڌو حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. هاڻ تہ، گهڻن شهرن ۾ بنسبت تازي ميوي ۽ ڀاڄين جي جنڪ فوڊ / چشڪيدار کاڌو، شراب، ناجائز دوائون ۽ نشو پتو خريد ڪرڻ سولو ٿي پيو آهي. ان سبب رڳو چند نسلن دوران اسان جي کاڌ خوراڪ ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن. اسانجا ابا ڏاڏا گهڻي ڀاڱي تازن وکرن مان تيار ڪيل کاڌا کائيندا هيا، جڏهن تہ هاڻ ماڻهو مشينن رستي تيار ٿيل تمام گهڻا کاڌا کائين ٿا، جن ۾ غذائي طاقت بجاءِ کاڌي سانديڻ جون شيون (preservatives)، چشڪيدار وکر (flavorings)، رنگ، وڏي مقدار ۾ مناڻ (کنڊون ۽ مکئي جو شربت)، لوڻ ۽ سٽپ ٿئي ٿو. ايئن برابر آهي تہ اڳي جي ڀيٽ ۾ هاڻ، اسان مان گهڻا وڌيڪ کاڌو تہ کائين ٿا پر اهڙا کاڌا اڳ جي ڀيٽ ۾ گهٽ صحت بخش آهن.

## ڪاڌن متاثر سان اصلي آمريڪي ماڻهن جي صحت متاثر ٿئي ٿي

اها رڳو چند نسل اڳ جي ڳالهه آهي جڏهن آمريڪا جا اصلوڪا رهاڪو صحت بخش ڪاڌو ڪائيندڙ هيا جيڪو هو شڪار ڪري حاصل ڪندا، پوکيندا ۽ جهنگ مان گڏ ڪري ايندا هيا. جيڪڏهن گوشت، ڀاڄين ۽ ميون جي کوٽ به ٿيندي هئي ته ڀاڙون، ٻج، ڇوڏا ۽ ننڍڙا جانور گڏ ڪري زندگي گذاريندا رهندا هيا.

اٽڪل 100 سال اڳ آمريڪي سرڪار، اصلي رهاڪن کي ڪن پابندين هيٺ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ سندن لاءِ شڪار ڪرڻ يا مڇي مارڻ تي بندش هٽي ڇڏي. بجاءِ ان جي ته کين اهڙا ڪاڌا مهيا ڪيا وڃن ها جيڪي هو ڪائيندڙ هيا سرڪار کين وائيٽ فلور، وائيٽ شگر ۽ پراسس ٿيل جانورن جي چربي ڏيڻ شروع ڪئي. اڄ به گهڻا اصلي آمريڪي اهڙو سرڪاري ڪاڌو ڪائيندا رهن ٿا. گهڻين پابندين سبب کين جيڪو ڪاڌو ملي ٿو اهو تريل ۽ جنڪ فوڊ ٿئي ٿو. نه رڳو ايترو پر جن ماڻهن کي سرڪاري ڪاڌو ملي نٿو سگهي اهي گهڻي ڀاڱي مڙيو سڙيو ڪائي وقت گذارين ٿا ڇاڪاڻ ته، وٽن ٻي گهٽ مڪياري آهي.

جيئن ته کين گهڻي غير صحت بخش ڪاڌي ڪائڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ گهٽ غذائي طاقت ٿئي ٿي ان سبب سندن جسم کي گهربل ڪاڌا ملي نٿا سگهن نتيجي ۾ گهڻا اصلي آمريڪي حد ڪان وڌيڪ وزندار، دل جي بيمارين ۾ ورتل ۽ صحت جي اهڙن مسئلن ۾ ڦاٿل رهن ٿا جيڪي ناقص ڪاڌي سان لاڳاپيل آهن. هن وقت سندن موت جو هڪ وڏي ۾ وڏو سبب ذيابطيس آهي.

ان مسئلي سبب ڪن اصلوڪن آمريڪين پنهنجيءَ تهذيب کي جيارڻ ۽ وري سٺي صحت حاصل ڪرڻ لاءِ رسمي ڪاڌا ڪائڻ شروع ڪيا آهن. مڪئي، ڦريون، ڪدو پوکي، جهنگلي چانور گڏ ڪري، مڇي ماري ۽ گوشت لاءِ مينهون پالي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ هڪ اصلوڪي آمريڪي ۽ هيلٿ ورڪر رچرڊ آئرن ڪلائوڊ جو چوڻ آهي ته، "تهذيبي ريتون رسمون، زندگيءَ جا طور طريقا ۽ ڪاڌي پيتي جون عادتون متاثر ذيابطيس وڌائڻ جو ڪارڻ آهن. پنهنجي ابن ڏاڏن جي ڪاڌ خوراڪ جا طور طريقا وري اختيار ڪرڻ سان هيءَ بيماري ختم ٿي سگهي ٿي."



**پوکي راهيءَ جا رسمي طريقا ـ جڏهن مختلف فصل گڏ پوکجن ٿا ته ان سان صحت سٺي رهي ٿي ته زمين به ايندڙن نسلن لاءِ محفوظ رهي ٿي.**

## مقامي کاڌي جي ضمانت ۾ سڌارا آڻڻ

هر حڪومت ڪي ڪوشش ڪري اها پڪ ڪرڻ گهرجي ته جيئن، سندس ڪو به شهري بکيو نه رهي. ان لاءِ قومي حڪومتون اهڙيون رٿائون ناهي سگهن ٿيون جن هيٺ زمين کي ڪٽنبي واڙين (family farms) لاءِ استعمال، زرعي زمينن جو غلاظت کان بچاءُ، آبادگارن کي سولا قرض ڏيڻ ۽ پنهنجا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي.

ڪي قومي حڪومتون، کاڌي جي ضمانت ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ **رعايتون** به ڏين ٿيون (آبادگارن جي سهائتا لاءِ ڪين پئسا ڏيڻ، کاڌي خريد ڪرڻ يا ٻنهيءَ لاءِ). اهڙين رعايتن ۾ **اگهه ۾ سهائتا** ڪرڻ به شامل ٿئي ٿي ته جيئن آبادگارن کي پنهنجي پيدا ڪيل کاڌي تي، مارڪيٽ ۾ وڌيون قيمتون ادا ڪري سگهجن ۽ کاڌو خريد ڪندڙ لاءِ **قيمتن تي اک رکڻ** ته جيئن **صارفين** لاءِ ضروري کاڌا خريد ڪرڻ جي وس ۾ هجن.

جڏهن ته، سرڪاري سهائتن جو عام طور تي تڏهن غلط استعمال ڪيو ويجي ٿو جڏهن اهي وڏن ادارن کي ڏنيون وڃن ٿيون. جيڪي وڏن وڏن صنعتي فارمن جا مالڪ هجن ٿا يا غير صحت بخش کاڌا اُپائين ۽ وڪرو ڪن ٿا. ايئن جڏهن وڏن ادارن جي دٻاءَ سبب سرڪاري سهائتا جو ناجائز استعمال ڪيو ويجي ٿو تڏهن نتيجي ۾ گهٽي ياڱي وڏيڪ بک ۽ کاڌي جي اوڻائي پيدا ٿئي ٿي.

جڏهن ته، سرڪار سهائتا ڪري يا نه ڪري تڏهن به اهڙا ڪيترا طريقا آهن جن رستي ماڻهو کاڌي جي مقامي ضمانت ۾ سڌارو ڪري سگهن ٿا. ننڍين واڙين کانوني آبادگارن جا مارڪيٽ منظم ڪرڻ تائين تبديلين آڻڻ سان کاڌي جي ضمانت ۾ سڌارو اچي ٿو عام طور تي جلد نتيجا ڏين ٿيون ۽ ماڻهن ۾ اهڙو ڪم اجان به وڌيڪ شوق سان ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪن ٿيون.



**مقامي کاڌو نه رڳو صحت بخش ٿئي ۽ تازو ملي ٿو ته مقامي ثقافت ۽ معيشت لاءِ به بهتر ٿئي ٿو.**

## برادريءَ جي کاڌي جون رٿائون



برادريءَ جي کاڌي جي زرعي رٿائن ۾ پنهنجي سيپيتا کي قائم رکڻ ۾ مدد ٿئي ٿي.

کاڌي جي ضمانت تڏهن وڌ ۾ وڌ سگهاري ٿئي ٿي جڏهن, کاڌو مقامي طور تي اپايو ۽ ورهايو ويو هجي ٿو. مقامي پيدا ٿيندڙ کاڌو نہ رڳو تازو هجي ٿو تہ تمام گهڻو طاقتور بہ ٿئي ٿو. ان سان جيئن تہ ان علائقي جي آبادگارن ۽ واپارين ۾ پئسي جي ڦير گهير ٿئي ٿي ان سبب مقامي معيشيت کي فائدو پهچي ٿو. ماڻهن ۾ لاڳاپا قائم ٿين ٿا. برادريون طاقتور ٿين ٿيون ۽ اهڙا هنڌ رهڻ لاءِ وڌيڪ صحت بخش ٿين ٿا. جيئن تہ غريب برادرين کي عام طور تي ٿورڙي زمين ۽ کاڌي جا کي نالي ماتر مارکيٽ هجن ٿا تنهنڪري سندن لاءِ کاڌي جي اپت تي پنهنجو وري ضابطو کرڻ ۽ ورهايو کرڻ خاص طور تي سندن لاءِ اهم ٿئي ٿو.

### مقامي طور تي وڌيڪ کاڌي پيدا ڪرڻ جا طريقا

اهڙيون ڪيتريون رٿائون, ٿوري زمين يا ٿوري پئسي سان بہ شروع ڪري سگهجن ٿيون ۽ ان سان برادرين کي وڌيڪ تازي کاڌي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

**ڪٽنبي واڙيون** (Family Gardens) هجڻ سان ڪٽنب ۽ کهول جي کاڌي ۾ صحت بخش ڀاڄين ۽ ميون جو واڌارو ڪري سگهجي ٿو.

**اسڪولي واڙين** (School Gardens) رستي ٻارن کي تازو کاڌو کارائي تہ کين اسڪول ۾ کاڌي مهيا ڪرڻ سان اسڪول ۾ حاضر بہ رکي سگهجي ٿو. ساڳئي وقت اسڪولي واڙين رستي کين اناج اپائڻ جا طريقا سيکارڻ سان منجهن اهڙي ضروري ڄاڻ بہ زنده رکي سگهجي ٿي!

**برادرين جون واڙيون** (Community Gardens) کاڌو مهيا ڪن ٿيون تہ اهي ڪچهرين جا هنڌ بہ ٿي سگهن ٿيون, پوءِ ڀلي تہ اهڙي زمين پنهنجي نہ بہ هجي. برادرين جي واڙين رستي ماڻهن کي اناج اپائڻ جي طريقن سيکارڻ, پنهنجا گُر وڌائڻ ۽ نوان ڏنڌا جهڙوڪ هوٽل ۽ مارڪيٽ شروع ڪرڻ ۾ بہ مدد ملي سگهي ٿي. ان ڏس ۾ ننڍيون ننڍيون واڙيون بہ کاڌي جي ضمانت مهيا ڪرڻ ۾ گهڻيون اثرائتيون ثابت ٿي سگهن ٿيون.

**برادرين جي سهائتا** (Community supported agriculture) سان ٿيندڙ زراعت ۾ آبادگار پنهجو کاڌو/ اناج سنئون سڌو استعمال ڪندڙن کي وڪرو ڪن ٿا. ماڻهو فصل پوکجڻ کان اڳ ۾ آبادگارن کي پئسا ڏئي ڇڏين ٿا ۽ پوءِ فصل لهڻ جي مند ۾ هر هفتي تازو ميوو ڀاڄيون ۽ ٻيو کاڌو حاصل ڪندا رهن ٿا. اهڙي لاڳت ڪرڻ سان صارف, آبادگارن کي پنهنجي زمين ۽ ڌنڌي قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا تہ موٽ ۾ کين طاقتور کاڌا حاصل ٿيندا رهن ٿا.

**ٻجن سانڍڻ جي پروگرامن** (Seed saving programs) سان پڪ ٿيندي رهي ٿي تہ ٻجن مهيا ڪرڻ جا رسمي طريقا موجود آهن. ڇو تہ قسمين قسمين ٻجن جو هجڻ پائدار زراعت ۽ ڀاڻ ڀرين برادرين لاءِ بنياد ٿئي ٿو (ڏسو باب 15).

## سستين قيمتن تي صحت بخش کاڌو مهيا ڪرڻ

جيتوڻيڪ هن وقت سڄيءَ دنيا ۾ هر فرد جي ضرورت کان جهجهو کاڌو اپايو وڃي ٿو تنهن هوندي به ماڻهو بکئي پيٽ سمهن ٿا. ان جو هڪ سبب گهڻي ڀاڱي کاڌن جو ايترو مهانگو هجڻ آهي جو ماڻهو خريد ڪري نٿا سگهن ۽ صحت بخش کاڌو ته عام طور تي مسڪين ماڻهن کي نصيب ئي ٿي نٿو سگهي. ان ڏس ۾ سرڪار جي سهائتا ضروري ٿئي ٿي ته جيئن، پڪ ڪري سگهجي ته کاڌن جون قيمتون ايتريون مناسب آهن جيڪي خريد ۽ وڪرو ڪندڙ ٻئي برداشت ڪري سگهن ٿا. اهڙا ڪجھ مقامي طريقا جن رستي اها پڪ ڪري سگهجي ٿي ته، صحت بخش کاڌا ميسر ٿي سگهن ٿا هيٺ ڏجن ٿا:



**آبادگارن جا مارڪيٽ** (Farmers markets) هجڻ سان سواريءَ جو خرچ گهٽائي ۽ دلالن جي چڪر کان بچڻ سان نه رڳو آبادگارن کي وڌيڪ ڪمائي ٿئي ٿي ته خريد ڪندڙن کي به سستيون شيون ملن ٿيون. آبادگارن جي مارڪيٽن هجڻ سان خريداري ڪندڙن کي به سندن لاءِ کاڌو اپائيندڙن سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ جو موقعو ملي ٿو. ان سان آبادگارن کي خريداري ڪندڙن جي ضرورتن جي خبر پوي ٿي ۽ آبادگار، خريدارن کي اها ڳالھ سمجهائي سگهن ٿا ته سندن لاءِ کاڌي پيدا ڪرڻ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻو پوي ٿو.

**کاڌي جا ادارا** (Food cooperatives) اهڙا مارڪيٽ ٿين ٿا جيڪي سڄا سارا اتان خريداري ڪندڙن پورهيتن ۽ ماڻهن جا ٿين ٿا يا انهن ۾ سندن ڀائيواري ٿئي ٿي. اهڙن مارڪيٽن جا ميمبر، کاڌي جي قيمت جو ڪجھ حصو مارڪيٽ ۾ نوڪريءَ جي صورت ۾ ادا ڪن ٿا. گهڻي ڀاڱي اهڙن مارڪيٽن ۾ مقامي کاڌا وڪڻڻ ۽ خريدڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون.

**آبادگارن جي مارڪيٽن** (Farmers cooperatives) رستي، آبادگارن کي پنهنجيءَ پوکيءَ جون سٺيون قيمتون ڏنيون وڃن ٿيون ته ساڳئي وقت خريدارن کي به مناسب قيمتن تي وڪرو ڪيون وڃن ٿيون (ڏسو ص. 313).

### سٺيءَ طرح سان اناج سانڍڻ

اناج کي سٺيءَ طرح سان سانڍڻ به ايتروئي ضروري ٿئي ٿو جيترو اناج پيدا ڪرڻ جي لياقت جو هجڻ. خشڪ سالي، طوفان، ٻوڏون، جيت ۽ بيمارين سبب ڪڻڪ يا راڄن وٽ ايترو جهجهو اناج نٿو بچي جو اهي کائي يا وڪرو ڪري سگهن. اناج سانڍڻ جي، برادريءَ جي سطح تي هلندڙ پروگرامن رستي اهڙن مسئلن کي حل ڪري سگهجي ٿو (اناج سانڍڻ ۽ انکي جيتن کان بچائڻ لاءِ ڏسو ص. 305، گهر ۾ اناج کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڏسو ص. 375).

مثال طور: تيموتو (Temotu) جي پئسفڪ بيٽ تي، وري وري ايندڙ سامونڊي طوفان ڪيترا فصل تباھ ڪري ڇڏين ٿا. اهڙين حالتن ۾ اناج جي يقيني بچاءَ وڌائڻ لاءِ برادريون وڏا ڪڏا کوٽي انهن ۾ خميريل لاهوري گجر، اڻ رسيل ڪيلو ۽ روٽ ڦل (bread fruit) سانڍي ڇڏين ٿيون. ڪڏن ناهڻ ۽ ڀرڻ ۾ برادريءَ جو هر فرد حصو وٺي ٿو. جڏهن فصل تباھ ٿي وڃن ۽ ماڻهو بکيا ٿين ٿا تڏهن سانڍيل کاڌو استعمال ڪرڻ شروع ڪن ٿا.

**اناج جون بئنڪون** (food banks) اهڙا هنڌ ٿين ٿا جتي کاڌو گڏ ڪيو ۽ پوءِ ضرورتمندن کي ڏنو وڃي ٿو. بک جي بدحاليءَ ۽ هنگامي حالتن ۾ اناج جون بئنڪون مدد ڪن ٿيون. پر جيئن ته ماڻهن ۾ انهن جي ڀاڙڻ جي عادت پئجي سگهي ٿي تنهنڪري اهي کاڌي جي دائمي ضمانت جو سٺو اپاءُ ٿي نٿيون سگهن.

جڏهن ڪو سڄو علائقو بک سبب متاثر ٿيڻ شروع ٿئي ٿو تڏهن کاڌو ڏيندڙ بين الاقوامي ادارا اهڙين سنگين حالتن ۾ ماڻهن کي بچائين ٿا. جڏهن ته، کاڌي جي ضمانت جي لحاظ کان، کاڌي جي امداد به هڪ عارضي اپاءُ آهي جو اها کاڌي جي خود ڪفالت (food sovereignty) جي ڊگهي مدي جي ضمانت نٿي ڏئي (ڏسو ص. 235).

## ائڊس سبب يتيم ٿيندڙن ٻارن لاءِ زرعي اسڪول



آفريڪا جي گھڻن هنڌن جيان موزمبيڪ ۾ به، هزارين ٻار ان سبب يتيم آهن جو سندن والدين ائڊس (AIDS)جي بيماريءَ ۾ مري ويا آهن. ٻهراڙين جي علائقن جا يتيم ٻارڙا ته خاص طور تي کاڌي جي اوڻائيءَ، بيمارين، ناجائزين ۽ جنسي ڏاڍاين جي خطري ۾ رهن ٿا. والدين جي فوت ٿيڻ کانپوءِ ڪيترا ٻار گهرن جا وڏا ٿين ٿا ۽ گذرسفر لاءِ آمدنيءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪن ٿا. جيڪا ٻهراڙين ۾ هڪ ڏکي ڳالهه ٿئي ٿي جو اتي نوڪرين جا گهٽ موقعا هجن ٿا. جيتوڻيڪ اهي آبادگار. ڪٽنبن سان واسطو رکن ٿا تنهن هوندي به انهن مان گھڻا ان سبب زراعت ڪري نٿا سگهن جو سندن والدين بيماريءَ ۾ ايترو چوڙي مري وڃن ٿا جو ڪين مرڻ کان اڳ ۾ پوکي ڪرڻ سيکاري نٿا سگهن.

اقوامِ متحده جي ورلڊ فوڊ پروگرام (WFP)، فوڊ ائنڊ ائگريڪلچر آرگنائيزيشن (FAO)، جونيئر فارمر فيلڊ ۽ لائيف اسڪولن (Junior Farmer Field and Life Schools)اهڙين حالتن ۾ ائڊس سبب يتيم ٿيندڙ ٻارن جي وڏندڙانگ ڪي سنڀالڻ شروع ڪيو. اسڪولن ۾ 12 کان 18 سالن جي عمر جا نوجوان رهن ۽ گڏجي ڪم ڪن ۽ زراعت، کاڌ خوراڪ، جڙين ٻوٽين ۽ زندگيءَ جي گرن (life skills) بابت سکيا حاصل ڪن ٿا.

نوجوانن کي زراعت جا رسمي ۽ جديد طريقا جن ۾ زمين تيار ڪرڻ، رونبو ۽ لاٻارو ڪرڻ، گند گاهه ڪڍڻ، آبپاشي، هاڃيڪار جيتن تي ضابطو رکڻ، وسيلن استعمال ڪرڻ ۽ سانڍڻ، فصل کي مختلف مرحلن مان گذارڻ، اناج سانڍڻ ۽ مارڪيٽن جي گرن بابت سيکاريو وڃي ٿو. ڳائڻ ۽ نچڻ جهڙن ڀاون سان منجهن اعتماد پيدا ٿئي ٿو ۽ سماجي هنر وڌن ٿا. ڊرامن ۽ بحثن مباحثن رستي زندگيءَ جي ٻين اهم پهلوئن جهڙوڪ ائڊس ۽ مليريا کان بچاءَ، صنف جي برابري ۽ ٻارن جي حقن بابت ڳالهيون ٻولهيون ڪيون وڃن ٿيون.

هن وقت موزمبيڪ ۾ 28 جونيئر فارم فيلڊ ۽ لائيف اسڪول آهن. جڏهن ته ان کان به وڌيڪ ڪينيا، نامبيبيا، زامبيا، سوازيلئنڊ ۽ تنزانيا ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. هزارين يتيمن کي زراعت جي سکيا ڏني ويئي آهي. گرئجويٽ ٿيڻ کانپوءِ يتيم پنهنجا زمين ٽڪرا ڪيڙڻ شروع ڪن ٿا ۽ فصل وڪڻي پئسو ڪمائين ٿا. ان سلسلي ۾ هڪ اسڪول جي پورهيت جو چوڻ آهي ته، “جڏهن اسان هي اسڪول شروع ڪيا هيا تڏهن ٻارن جو ڪو مستقبل نه هيو. انهن مان ڪيترين جي خواهش ٽرڪ ڊرائيور ٿيڻ جي هئي، جو هنن زندگيءَ ۾ رڳو اها ئي مکياري ڏٺي هئي. جڏهن ته هاڻ ڪيترا استاد، آبادگار، زرعي سائنسدان ۽ انجنيئر ٿيڻ چاهين ٿا”.

# شهرن ۾ کاڌي جي ضمانت

هن وقت دنيا جا گھڻا ماڻهو يا تہ شهرن يا شهرن جي آسپاس ۾ رهن ٿا. گھڻا پناهگير ڪئمپن يا اهڙين وسنديـن ۾ زندگي گذارين ٿا جتي رهائشي ۽ صحت صفائيءَ جون ناقص حالتون, ملازمت, صاف پاڻي يا صحت بخش ڪـاڌي جي مڙيوئي سهوليتون آهن. شهري ماڻهن کي جڏهن نوڪريون, پئسو سنا ۽ صحتمند گھر هجن ٿا تـڏهـن ڪـاڌي جي ضمانت بهتر هجي ٿي. تڏهن اهي سنو ڪاڌو خريد ڪري ۽ ڪائي سگھن ٿا. رڌپچاءُ ڪري, ڪاڌو گڏ ڪـري تـہ پنهنجين شهري واڙين ۾ ڪاڌا بہ اپائي سگھن ٿا.



## د پيپلس گراسري

آمريڪا جي ڪيترين ئي شهري علائقـن جيان, ويسٽ اوڪـلـئـنڊ (West Oakland) جيڪو ڪئليفورنيا ۾ آهي اتي کاڌن جي صـحـت بـخـش ۽ تـازن دڪانن کان وڌيڪ شراب جا گتا ۽ جنڪ کاڌن جا دڪـان آهـن. پـر جي اتي صحت بخش کاڌن جا دڪان آهن بہ تہ کاڌن جون قيمتون ايتـريـون مـهـانـگـيـون آهن جو ڪيترا ماڻهو خريد ڪري نٿا سگھن. جنهن سبب ويسٽ اوڪلـئـنڊ جـا گھڻا ماڻهو کاڌي جي اوڻائيءَ جو شڪار يا بيحد وزني آهن. شراب, نشي پـتـي ۽ تشدد سبب سچي وسندي رهڻ لاءِ خطرناڪ آهي. اتي جي هر 4 مان 1 فرد فوڊ ايمرجنسي پروگرام جـو مـحـتـاج آهي.

اهڙيءَ صورتحال کي ڏسندي ڪن ماڻهن گڏجي, برادرين لاءِ اهڙي صحت بخش کاڌي جو بـنـدوبـسـت ڪـيـو جيڪو هو خريد ڪري سگھن. ان ڪم جي شروعات هنن چندو ڪري هڪ ٽرڪ خريد ڪرڻ سان ڪئي. ٽرڪ تي شوخ رنگ ڪيا ۽ هڪ ٽيپ رڪارڊر هڻي مشهور راڳ وجائڻ شروع ڪيا. هـر هـفـتـي شـهـر جـي مختلف هنڌن تي وڃي آبادگارن جي مارڪيٽن مان ڀاڄيون ۽ ميوا خريد ڪري, گھـٽـيـن جـي چـوراهـن تـي ٽرڪ بيهاري راڳ هلائيندا هيا تہ آهستي آهستي ماڻهو گڏ ٿيڻ شروع ٿيندا هيا جن کي گھٽ قيمتن تي تـازو مال وڪرو ڪندا هيا. هو تازي کاڌي وڪڻڻ سان گڏ ماڻهن سان صحت بـخـش ڪـاڌن جـي اهـمـيـت تـي بـہ ڳالهيون ڪندا هيا.

هو پنهنجي گھمندڙ ڦرندڙ مارڪيٽ کي, د پيپلس گراسري (The People's Grocery) سڏيندا ۽ وسنديءَ جي ماڻهن کي پاڻ سان شامل ٿيڻ جي دعوت ڏيندا هيا. انهن مان ڪن ماڻهن تازيون ڀاڄيون پوکڻ ۽ اهي پـوءِ دَ پيپلس گراسريءَ کي وڪري ڪرڻ لاءِ واڙيون پوکڻ شروع ڪيون. ننڍن ۽ نوجوانـن گـڏجـي ڪـم ڪـرڻ شروع ڪيو تہ سبزيون پوکڻ سکي ويا. جڏهن تہ ڪن, پنهنجي ليکي واڙيون ڪـرڻ شـروع ڪـيـون. ٿـورڙي وقت ۾ هڪ ويجھي اسڪول ۽ ڪميونٽي سينٽر بہ واڙيون پوکڻ شروع ڪيون. جن جون گھڻيون سـبـزيـون دَ پيپلس گراسري جي ٽرڪ رستي وڪرو ٿيڻ لڳيون.

پنهنجيءَ وسنديءَ ۾ اهڙي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پيپلس گراسريءَ, شهري سرڪار کي زمين ۽ فـنـڊ ڏيڻ ۽ اشتهاربازي ڪرڻ لاءِ چيو. ايئن سرڪار جي ڪجھ سهائتا سان هنن محسوس ڪيو تہ هاڻ, هـو اڳـي کان تمام گھڻن ماڻهن جو پيٽ پالي سگھندا.

پيپلس گراسري, مقامي کاڌ خوراڪ جي سرشتي ۽ معاشيات کي آهستي آهستي زور وناءي ۽ ويسـٽ اوڪلئنڊ جي هر فرد لاءِ کاڌي جي ضمانت کي سگھاري ڪرڻ ۾ سڌارو آڻي رهي آهي. پيپلس گراسريءَ جـو چوڻ آهي تہ, "ڪنهنکي بہ پوءِ چاهي اهو غريب هجي يا شهري رهواسي صحت بخش ڪـاڌي بـنـا جـيـئـڻ نـہ

## شهرن ۾ کاڌي جي ضمانت وڌائڻ لاءِ حڪومتن کي اوس مدد ڪرڻ گهرجي

پيپلس گراسري واري ڳالهه مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيئن نہ هڪ غريب شهري وسنديءَ جا ماڻهو پنهنجي کاڌي جي ضمانت جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. هنن جيڪو پروگرام تيار ڪيو آهي تنهن، ڪيترن ماڻهن جو ڀلو ڪيو آهي. جڏهن ته، کاڌي جي ضمانت جو مسئلو اڃان مڪمل طور تي حل ڪري نہ سگهيا آهن.



- ويسٽ اوڪلئنڊ جي ماڻهن وٽ صحتمند کاڌو ڇو ناهي؟
- پيپلس گراسري ڪهڙيءَ طرح سان مقامي ماڻهن جي صحتمند کاڌي ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهي؟
- مقامي حڪومت هن قسم جي رٿا ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ڪيئن شامل ٿي سگهي؟
- اهڙا ٻيا ڪهڙا ادارا ۽ تنظيمون/ ماڻهو آهن جن سان پيپلس گراسري گڏجي ڪم ڪري هن رٿا کي سگهارو بڻائي سگهي ٿي؟
- توهان پنهنجيءَ وسنديءَ ۾ کاڌي جي ضمانت وڌائڻ ۾ ڪهڙيءَ طرح مدد ڪري سگهو ٿا؟

## شهرن لاءِ کاڌ خوراڪ جي پائدار رٿا

کاڌي جي پائدار ضمانت لاءِ شهري زندگيءَ جي هڙني پهلوئن ۽ ترقي تي لازمي طور تي بحث ڪرڻ/ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ گهرجي. سواري، تعليم، ملازمت، نون گهرن ۽ نين آبادين جي رٿا جي ذميوار ماڻهن کي ان ڳالهه تي سوچڻ گهرجي تہ ماڻهو پنهنجي شهر ۾ ڪهڙيءَ طرح سان کاڌ خوراڪ حاصل ڪري رهيا آهن. برادرين کي واڙين لاءِ زمين ۽ مارڪيٽن تائين سواريءَ جي بندوبست ڪري ڊيڻ ڪانسواءِ ڪين کاڌي جي ضمانت ۽ اسڪولن ۾ کاڌخوراڪ سڀ اهڙا پهلو آهن جيڪي مقامي حڪومت استعمال ڪري اڄ پنهنجن ماڻهن جي مدد ڪري سگهي ٿي تہ ساڳئي وقت، اهو بہ يقين ڪري سگهي ٿي تہ جيئن ڪين سڀان، کاڌي جي سٺي ضمانت ميسر ٿي سگهي.




**جيڪي دڪان صحت بخش کاڌو مناسب قيمت تي وڪڻن ٿا اهي برادريءَ جي صحت جي سهائتا ڪن ٿا**

## ڏُڪار/ خشڪساليءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ وچايل ٻج هٿ ڪرڻ



ڪنهن دور ۾ زمباوي ۾ آبادگار ڪيترن قسمن جو اناج پوکيندڙ هيا. 1960 جي ڏهاڪي ۾ جڏهن سائو انقلاب آيو ته اتان جي سرڪار ۽ بين الاقوامي ادارن، آبادگارن لاءِ مڪئي جي هڪ نئين قسم جو ٻج پوکڻ لاءِ متعارف ڪرايو. آبادگارن کي اهو هائبرڊ ٻج ان سبب پسند آيو جو ان جو داڻو وڏو پئي ٿيو فصل جلد واڍ تي ڪئي ۽ وڪڻڻ ۾ به سولو هيو. سرڪار سندن گهڻو فصل خريد ڪري اهو ٻين ڪيترن ملڪن ۽ زمباوي جي مختلف شهرن ۾ جت کاڌي جي کوٽ تي ٿي وڪرو ڪندي ٿي رهي. ٿورڙي وقت اندر زمباوي ۾ مڪئي جو تمام عام جام استعمال ٿيڻ لڳو. جنهن سبب ڪيترا آبادگار مڪئي جي تمام گهڻي پوک ڪرڻ لڳا.

جڏهن ڏُڪار/ خشڪساليءَ جا سال شروع ٿيا ته زمباوي سميت ڏکڻ آفريڪا جي ڪيترن ملڪن ۾ نالي ماتر وسڪارو ٿيو. مڪئي به ٿورڙي تي جنهن سبب ماڻهن کي مڪئي کانسواءِ ٻيو ڪجهه گهٽ حاصل ٿي سگهيو. ڪيترين برادرين ڏکين ڏينهن لاءِ مڪئي سانڍي ته ڇڏي هئي پر ان جو گهڻو حصو خراب ٿي ويو هو. اها سندن لاءِ هڪ اچرج جي ڳالهه هئي. ڇو ته هو جيڪا ٻاجهر ۽ جوئر پوکيندا هيا اها ڪيترين موسمن تائين سانڍي سگهندا هيا.

اڳتي هلي نيٺ مينهن ته پيا پر اهڙن تيز طوفانن جي صورت ۾ جو فصل پاڙون پٽجي ويا ۽ زمين جي سڪل حصن جي قيمتي مٽي لوڙهي ويا. زمباوي ۾ غربت ايتري شديد ٿي ويئي جو سرڪار کي، اقوامِ متحده کي کاڌي جي امداد ڏيڻ لاءِ چوڻو پيو. هوائي جهازن رستي مڪئي جا ٻندار پهچايا ويا جيڪي سڄي ملڪ ۾ ٻڪ ۾ پاهه ٿيندڙن ۾ ورهايا ويا. جڏهن ته کاڌي جي امداد ۽ هائبرڊ ٻج نه ته ٻک ختم ڪري ۽ نه ئي کاڌي جي ضمانت ڏئي سگهيو. آبادگارن محسوس ڪيو ته هو وڏيڪ مينهن ته وسائي نٿا سگهن پر پنهنجي زراعت جي طريقن ۾ تبديليون آڻي مينهن جو بهتر کان بهتر استعمال ڪري سگهن ٿا. آبادگارن آهستي آهستي ننڍن ننڍن فصلن جهڙوڪ: جوئر ۽ ٻاجهر جا ٻج گڏ ڪرڻ ۽ پوکڻ شروع ڪيا جيڪي زمباوي ۾ سنا ٿيندا هيا. ايئن آبادگارن ٻج جو هر اهو قسم پوکيو جيڪو ڪين هٿ اچي سگهيو ته جيئن خشڪساليءَ سبب جيڪڏهن ڪو هڪ فصل تباهه ٿي وڃي ته ٻيا پڪ سان قائم رهي سگهن. ڪيترن آبادگارن ته فصلن جي لاباري کانپوءِ ڪانگڙ زمين تي ئي ڳرڻ سڙڻ لاءِ ڇڏي ڏني ته جيئن وسڪاري جي صورت ۾ مٽي وهي وڃڻ کان بچي سگهي. ايندڙ موسم ۾ سندن زمين اجان نرم ۽ پوکيءَ لاءِ سٺيءَ حالت ۾ موجود هئي. ڪن آبادگارن ته اناج جي فصلن کانپوءِ ڦرين جي هڪ قسم، ليب ليب (Lab lab) جو فصل پوکيو. ايئن هو سدائين ڪنهن نه ڪنهن فصل جي پوک ڪندا ٿي رهيا. پنهنجي مال کي ڦريون کارائيندا هيا ته ڦرين وارا فصل زمين کي زرخيز رکڻ ۽ مٽي سوگهي جهلڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا هيا.

ڪنهن دور جي ڀيٽ ۾ اڄ به زمباوي ۾ گهٽ وسڪارو ٿئي ٿو. جڏهن ته اڄ به اتي ڪيترا آبادگار نه ته غير مقامي ٻجن ۽ نه ئي کاڌي جي امداد ڏيندڙ بين الاقوامي ادارن تي ڀاڙين ٿا. هو خشڪساليءَ ۾ ٿيندڙ پوکون پوکڻ رستي ٻک کي سٺيءَ طرح سان منهن ڏئي سگهن ٿا.

## پوکي راهيءَ جا ساوا انقلابي طريقا

1960 جي سائي انقلاب واري ڏهاڪي کانوٺي دنيا جون وڏيون وڏيون ڪمپنيون ۽ بين الاقوامي ادارا دعوائون ڪندا رهيا آهن ته اهي ”دنيا کي پالي“ سگهن ٿا. جڏهن ته اهي پنهنجن بهتر / سڌاريل ٻجن، ڪيميائي ڀاڻن ۽ جيتمار دوائن رستي رڳو زرعي زمينن تي پنهنجو قبضو قائم رکڻ، ٻجن جي فراهمي ڪرڻ ۽ وڪڻڻ ۽ ورهاست جي نظام وغيره ۾ ڪامياب ٿي سگهيا آهن. پر، دنيا جي بک ختم ڪرڻ ۾ ناڪام ويا ۽ گهڻي ڀاڱي بک کي بدتر ڪندا رهيا آهن.

## پاڻيءَ تائين ناقص رسائي:

فصلن کي واڌ ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جي گهرج ٿئي ٿي. جيئن ته وڏين وڏين زرعي زمينن کي گهڻي کان گهڻو پاڻي گهربل ٿئي ٿو ان سبب ننڍن آبادگارن کي گهٽ ۾ گهٽ پاڻي ملي سگهي ٿو. جڏهن پاڻي گندو ٿي وڃي يا خانگي ملڪيت هجي ٿو تڏهن پاڻيءَ تي حق خطري ۾ پئجي وڃن ٿا (ڏسو باب 6). اهڙا ڪيترا طريقا آهن جن رستي زمين ۽ پاڻي جو انتظام سنڀالي ته پاڻيءَ جي وسيلن جي سانڍ به ڪري سگهجي ٿي (ڏسو باب 9 ۽ 15). جڏهن ته، اهڙن طريقن جو حڪومتن ۽ بين الاقوامي ادارن پاران بچاءُ ڪرڻ ۽ انهن کي زور وٺرائڻ جي لازمي ضرورت ٿئي



## زمين وڃائڻ:

جڏهن گهڻي ڀاڱي زمين جا مالڪ رڳو چند فرد يا وڏا ادارا هجن تڏهن کاڌ خوراڪ جا گهڻا مسئلا پيدا ٿين ٿا.
ڪيترن ننڍن آبادگارن کي مجبوراً پنهنجي زمين ڇڏڻي ۽ شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻي پوي ٿي. ٻين جي زمينن يا ڪارخانن تي ڪم ڪرڻو پوي ٿو. جيئن ته وٽن پنهنجي لاءِ خوراڪ اپائڻ لاءِ زمين ٽڪرو يا صحت بخش کاڌي خريدڻ لاءِ پئسو نٿو هجي، ان سبب بک ۽ کاڌي جي اوڻائيءَ جو شڪار ٿيندا رهن ٿا.
عام طور تي وڏا ادارا ۽ وڏن فارمن تي رڳو هڪ قسم جو فصل پوکيو وڃي ٿو گهٽ ماڻهن کي نوڪري تي رکيو، مشينون وڏيڪ استعمال ڪيون، ڪيميائي ڀاڻ، جيتمار ۽ گندگاهه ختم ڪندڙ دوائون گهڻيون ڪتب آنديون، فصل ٿيندڙ هنڌ کان گهڻو پري، عام طور تي ٻاهرئين ملڪن ۾ وڪرو ڪيا وڃن ٿا. اهڙين سڀني ڳالهين سبب قسمين قسمين کاڌا گهٽ پيدا ٿين ٿا. ناقص غذائيت هجي ٿي، ٻنين تي ڪم ڪندڙ پورهيتن کي گهٽ آمدني ٿئي، ماحول کي وڏيڪ نقصان پهچي ۽ مقامي سطح تي گهٽ کاڌ خوراڪ ميسر ٿئي ٿي. ان سان گڏ مقامي ”ثقافت“ کي ڇيهو رسي ٿو جو ماڻهو کاڌي اپائڻ جا رسمي طريقا قائم رکي ۽ زمين جي سنڀال ڪري نٿا سگهن.

## اوڌر ۽ مارڪيٽن تائين ناقص پهچ

جيئن ته زراعت جو مدار موسمي حالتن ۽ مارڪيٽ جي قيمتن تي مدار رکندڙ ٿئي ٿو تنهنڪري آبادگارن کي ورلي فصل لهڻ تائين يا جيستائين مارڪيٽ ۾ بهتري اچي تيستائين اوڌر جي ضرورت ٿئي ٿي. بئنڪون ننڍن آبادگارن کي اوڌر تي پئسا ڏيڻ بجاءِ وڏن ۽ طاقتور فارمن کي پئسا ڏين ٿيون. جنهن سبب ننڍا آبادگار، سندن ڪٽنب ۽ برادريون لنگهڻ ڪاٽڻ تي مجبور ٿين ٿيون. اهڙين ڪيترين حالتن ۾ ڪين پنهنجيءَ زمين تان هٿ کڻڻ لاءِ به مجبور ٿيڻو پوي ٿو.

## لڏ پلاڻ

جڏهن ماڻهن کي پنهنجين زمينن تان تڏا پٽايا وڃن ٿا تہ ان سان گڏ، هو کاڌي ۽ اناج اپائڻ جي ڄاڻ بہ آهستي آهستي وساري ڇڏين ٿا. جيڪڏهن نوجوان، زرعي هنر سکڻ کان اڳ ۾ شهرن ڏانهن لڏي وڃن تہ اهي پنهنجن ٻارن کي زراعت ڪرڻ ڪڏهن بہ سيکاري نٿا سگهن ۽ اهڙو ڪٽنب هميشہ لاءِ پنهنجي زمين وڃائي ڇڏي ٿو.

## وبائي بيماريون

جيئن تہ سڄيءَ دنيا ۾ هر سال ايچ آءِ وي ۽ ائڊس، سلهہ ۽ مليريا جهڙيون بيماريون لکين ماڻهو ماري ڇڏين ٿيون ان سبب بک ۽ کاڌي جي اوڻائيءَ ۾ واڌارو ٿيندو رهي ٿو. ڪٽنب ۽ کهول پنهنجا سڄا، نسلن جا نسل وڃائي رهيا آهن عام طور تي اهي جيڪي کاڌي پيدا ڪرڻ ۾ وڌ ۾ وڌ ڦڙت ٿين ٿا. آبادگارن جي مرڻ سان کاڌي جي اپت گهٽجي وڃي ٿي تہ سندن مرڻ سان گڏ پوکيءَ جو علم بہ ساڻن گڏ دفن ٿي وڃي ٿو. انهن بيمارين جي بچائن ۽ علاجن سان نہ رڳو بک ۽ کاڌي جي اوڻائيءَ کان بچي سگهجي ٿو تہ سڄي برادريءَ جي کاڌي جي ضمانت لاءِ بہ ضروري ٿئي ٿو.

## ڄاڻ جي اڻهوند

دنيا جي گهڻن هنڌن تان، ماڻهن مان اناج اپائڻ جي رسمي ڄاڻ ختم ٿي ويئي آهي. تمام تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ حالتن جهڙوڪ: ڦِٽيل برادريون، گهٽ زرخيز زمين ۽ موسمن سبب پراڻا طريقا اثرائتا ثابت ٿي نٿا سگهن. جڏهن ماڻهن کي اها خبر ئي نہ هجي تہ، کاڌو/ اناج ڪيئن اپائجي ٿو تہ نتيجي ۾ بک ۽ بدحاليءَ سميت کاڌي جي ضمانت نہ هجڻ جهڙيون ڳالهيون ڪر کڻن ٿيون. ان مسئلي جو هڪ حل هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ، فارمر فيلڊ اسڪولن، آبادگارن کان آبادگارن کي تعليم ڏيڻ جي پروگرامن ۽ ائگريڪلچرل ايڪسٽينشن سروس رستي اهڙو علم منتقل ڪجي ۽ ان ۾ سڌارا آڻبا رهجن (ڏسو ص. 316 ۽ وسيلا).



بک، کاڌي نہ هجڻ سبب پيدا ٿئي ٿي ۽ عام طور تي کاڌي جي اڻهوند انصاف نہ هجڻ سبب جنم وٺي ٿي.

# کاڌي جي خود مختياري انسان جو بنيادي حق آهي

سيني انسانن کي سني، صحت بخش ۽ تهذيبي طور تي اهڙي کاڌي حاصل ڪرڻ جو حق آهي جيڪو سيني لاءِ قابل قبول هجي. کاڌي جي خود مختياري سان اسان پنهنجي کاڌي جي سرشتن جوڙڻ جو حق رکون ٿا ۽ پڪ ڪيون ٿا ته هر برادريءَ کي کاڌي جي ضمانت حاصل آهي.

## ويئا ڪئمپيسينا کاڌي تي ماڻهن جي قبضي کي هٿي ڏئي ٿي

گهڻن آبادگارن کي پنهنجن فصلن جون مناسب قيمتون حاصل ٿي نٿيون سگهن. جنهن جو هڪ سبب هي به آهي ته بين الاقوامي واپار جا قاعدا رڳو امير قومن ۽ وڏن زميندارن کي فائدو ڏين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو عام طور تي آبادگار پنهنجن مارڪيٽن ۾ به مناسب قيمتون حاصل ڪري نٿا سگهن. ڇاڪاڻ ته، ٻاهران گهرايل کاڌو وڌيڪ سستو هجي ٿو. ان ڪري آبادگارن کي مجبوراً پنهنجو کاڌو گهٽ قيمت تي وڪرو ڪرڻو پوي ٿو جنهن سبب اهي سولائيءَ سان قرض، بک ۽ غربت جي ڏيهڻ ۾ لهندا وڃن ٿا.

ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ دنيا جي گهڻن ملڪن جي آبادگارن پاڻ ۾ گڏجي هڪ تحريڪ هلائي جنهن کي ويئا ڪئمپيسينا (Via Campesina) جو نالو ڏنو (اسپئني ٻوليءَ ۾ ان جي معنيٰ 'هارين جو رستو' آهي). ويئا ڪئمپيسينا، هارين نارين جي وڏ ۾ وڏ تنظيمن کي گڏ ڪري، سندن مناسب قيمتن حاصل ڪرڻ، زمين ۽ پاڻيءَ جي وسيلن جي تحفظ ڪرڻ ۽ پنهنجي پيدا ڪندڙ اناج تي پنهنجو ضابطو هجڻ ۽ ان جي ورڇ ڪرڻ ۾ سگهارو ڪردار ادا ڪري ٿي. ويئا ڪئمپيسينا اهو ئي سمجهي ٿي ته، کاڌي جي ضمانت رڳو کاڌي جي خود مختياري سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي يعني، جڏهن آبادگارن ۽ هارين کي ان فيصلي ڪرڻ جو حق هجي ته اهي ڪهڙن قسمن جا اناج اپائين، انهن جو ڪيترو حصو وڪرو ڪن ۽ جڏهن انهن جي استعمال ڪندڙن کي ان فيصلي ڪرڻ جو اختيار هوندو ته هو ڇا کائين ۽ اهو ڪنهن کان خريد ڪن.

ڪيترن هنڌن تي ويئا ڪئمپيسينا، سياستدانن ۽ وڏين ڪمپنين تي مقامي آبادگارن جي مطالبي مڃڻ لاءِ دٻاءُ وجهي ٿي. ٻين هنڌن تي ٻي زمين آبادگارن کي اڻ استعمال ٿيندڙ فارمن جي بحاليءَ لاءِ جاکوڙيندڙن جي مدد ڪري ٿي. ساڳئي وقت اهڙن مقامي ادارن جي قائم ڪرڻ ۾ به مدد ڪري ٿي جيڪي وڌيڪ ضرورتمندن ۾ منصفاڻي طريقي سان کاڌو ورهائين ٿا.

جڏهن انڊونيشيا ۾ سال 2005 ۾ هڪ وڏو زلزلو ۽ سُنامي آئي ته ان سبب وڏ ۾ وڏ متاثر ٿيندڙ آبادگار ۽ مهاڻا هيا. ويئا ڪئمپيسينا انهن جي سهائتا ڪئي. ان لاءِ هنن متاثر هنڌ کان ٻاهران کاڌو ۽ ٻيو سامان آڻڻ بجاءِ مقامي تنظيمن سان گڏجي مقامي ننڍن صنعتڪارن کان کاڌو اوزار ۽ ٻيو سامان خريد ڪيو. ان ڪانسواءِ ڪي اهم مسئلا به ڪنيا جهڙوڪ: اصل ۾ کاڌي جي امداد ڪٿان ڪئي وڃي ٿي (اها مقامي آهي يا ٻاهران گهرائي وڃي ٿي)، ڪهڙن طريقن سان زرعي فارمن جي ٻيهر بحالي / جوڙجڪ ڪئي ويندي (ان سان ڪٽنبي سطح تي پيداوار کي هٿي ڏني ويندي يا کاڌي جي وڏن ادارن کي) ۽ مقامي تنظيمن کي ڪيئن سگهارو ڪرڻ گهرجي (ته جيئن اهي رڳو امداد تي ڀاڙيندڙ نه هجن).

ويئا ڪئمپيسينا پاران گڏ ٿيندڙ پئسي جو گهڻو حصو ٻيهر ٿيندڙ جوڙجڪ تي خرچ ڪيو ويو جيڪا ڊگهي مدي لاءِ استعمال ٿيندڙ هئي جهڙوڪ: گهرن ۽ مڇي مارڻ جي ٻيڙين جي ٻيهر اڏاوت، آبادگارن ۽ مهاڻن لاءِ نوان اوزار ناهڻ ۽ زرعي فارمن کي ٻيهر اپت ڏيڻ لاءِ بحالڻ تي. آفت ستيل ماڻهن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ جي پهلوئن تي زور ڏيڻ سان ويئا ڪئمپيسينا نه رڳو مختصر عرصي دوران بحالي کي همٿايو ته ساڳئي وقت کاڌي جي ڊگهي مدي واريءَ خود اعتماديءَ تي به ڌيان ڏنو.